SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2004
# SINDH ACT NO.VII OF 2004
# سنڌ ريس ڪورسز لائسنسنگ (ترميم) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH RACE COURSES LICENSING (AMENDMENT) ACT, 2003
## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1912 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ نئين دفعه 4_A جي شموليت
Insertion of new section 4_A in Sindh Act III of 1912
3. 1912 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعه 10 جو اضافو
Addition of section 10 in Sindh Act III of 1912
4. منسوخي
Repealed

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2004
# SINDH ACT NO.VII OF 2004
# سنڌ ريس ڪورسز لائسنسنگ (ترميم) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH RACE COURSES LICENSING (AMENDMENT) ACT, 2003

[11 جون 2004]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ريس ڪورسز لائسنسنگ ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ريس ڪورسز لائسنسنگ ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ريس ڪورسز لائسنسنگ (ترميم) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1912 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ نئين دفعه 4_A جي شموليت
Insertion of new section 4_A in

2. سنڌ ريس ڪورس لائسنسنگ ايڪٽ، 1912 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ٻه ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 4 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

"4_A. حڪومت گهوڙن جي گوئن تي ضابطي رکڻ لاءِ هڪ ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ ڪيس اهڙا اختيار ۽

| | |
|---|---|
| ڪم سونپي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.”. | Sindh Act III of 1912 |
| 3.چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعه 9 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:<br>“(10) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.”. | 1912 جي سنڌ ايڪٽ III ۾ دفعه 10 جو اضافو<br>Addition of section 10 in Sindh Act III of 1912 |
| 4.سنڌ ريس ڪورس لائسنسنگ ايڪٽ (ترميم) آرڊيننس، 2003 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repealed |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |